## ٽِيڪنِ جي اُتَرَ ۾ پيا خيالَ -

## ڳَڏيل قومون ۾ سنڌي ندمائندگي

## ڪِنِ لفظن جون سمجهاڻيون

ڏسُ - ”پاڪستان وَنڊنِ بابت اشتهارُ“ http://tinyurl.com/2lkbsc

اِنهيءَ چٽڪري واري بلاگ تي چڱي ٽيڪا ٽِپڻي تي آهي. بلاگ ۾ ڏسُ هيو ڪنهن پناهگيرَ سيد جي ڪمَ جو جنهن ڪتاب ۾ اِشتهارَ هلايو آهي. سندس ليک ۾ ڳالهه مان پانيان ٿو تہ شيعو آهي؛ ڪراچيءَ ۾ ڪي پناهگير سُنيِ شيعن کي ڪُهندا وتندا آهن، ياد ٿمِ تہ جماتِ اسلامي 1970 واري چوند ۾ڪراچي جي سينِ پناهگير هندن ڪٽي هئي، جنهن جمات جو رهبر مولانا مودوُدي هيو... تنهن عالم موُجب شيعا مُسلمان ئي ناهن (جيڪا ڳالهہ اهڙن صاحبن واتان چوڻ معنا سِرَ جو جوکو پوڻ، جو هي عالمُ بہ مُرتد کي ڪُهڻ واجب ڄاڻي!) ۽ سندن ڏرمي رهبرن خلاف هيٺ متي ڳالهائيدو هيو.

هاڻ، عجب جي ڳالهہ آ تہ توڙي هِن اِشتهارُ وجهندڙ کي پناهگيرن لاءِ ڏارَ ڏيهُ ڪپي، پرَ سُنين ڪان ڏِجي ٿو، تنهن ڪري چي تہ هند مان اڙدوُ ڳالهائيندڙ عيسائي گهرائي ”جناهپور“ ۾ وهارجن!

جي اصولي پرڏيهہ وسائيندڙُ پناهگير هجي ها، تہ سنڌي پولي ۾ سنسڪرتي سِکي ها. پوءِ پِرڙوڙ پويس ها تہ بچاءُ اِنهيءَ ۾ اٿس تہ سنڌي تي سنڌ ۾ رهي. اسان وٽ اهڙا شيعا سُني فسادَ تہ پري، جا ڳٽتي همراه کي ”جناپوُر“ بابت لڳيل اٿسِ، هِندوُ مومن جهيڙا فساد بہ نہ ٿِين.



گڏيل قومن جي انساني حقَ سُپردگُي سَيا (”هيومن رائٽس ڪمِيشن“) ۾ ڪيئي وار جڳ سنڌي ميڙَ (ورلڊ سنڌي ڪانگريسِ) پاران سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ جينيوا شهرَ ويو آهيان. مٿيون فوٽون گڏيل قومن جي جينِيوا واري عمارتَ جو آهي.

هيٺين ڪڙيءَ تي جڳ سنڌي ميڙَ پاران وياڪياڻ تي مضمون ڏسندا جيڪو هڪ غير حڪومتي تنظيم پاران پاٽمرادو ڏنو ويو آهي.

http://www.ngochr.org/view/index.php?basic_entity=DOCUMENT&list_ids=336



اِنهنِ گڏيل قومن جي انساني حقَ سُپردگُي سَيا جي اِجلاسَنِ ۾ پاڪستاني گهٽائي پيا گهمندا آهن. سدائين ڪشمير جي ڳالهه ڪرڻي هوُندي اَٿن. سنڌين جو اچڻ نہ وڻندو اٿن جو سندن پول پڌرا ٿين. (هيٺ فوٽون اُتي ڳالهائيدي ڪڍيل آهي، پاسي ۾ امبرين هيسباٽي ويٺل آهي جيڪا گڏيل قومن انساني حقَ سُپردگُي سَيا ۾ جڳ سنڌي ميڙ پاران گهڻو ڪم پاٽمرادو ڪري). ٻي عجبَ جي ڳالهه هوُندي آ تہ ڏوراپا ڏيڻَ پناهگِيرن جا نُمائندا پڻ سدائين آيل هوُندا آهن، تِن صاحبن جو ناتو ايم ڪيوُ ايمَ سان هوندو آهي. سِنڌيُن وٽ اونئين ئي ڪارئتا ماڻهون ٿورا، ناٽو ڪُٽل، سو سنڌي ڪمَ

ڪاريون چڏي، گيدي مان پيسا خرچ ڪيون اجا پُڳا هجن نہ پُڳا هجن، اِنهن صاحبن جو دمبورو تِن کان پهرين اُتي، ۽ پيا چڪَرَ هڻن.. خيرُ پهرين راڄُ، ٻولي، مالُ، شهرن، سڀ سندن قبضي، وري چون اُتي اچي تہ اسان مظلوم آهيون! توڙي سنڌي نمائندا ٿورا، وسيلا ڪٿل، تہ بہ سُچ تہ نچُ، سو اُتي آيلن تي اثر چڱو پوي ـ خاص ڪري غير حڪومتي ماڻهن تي جن اڳي سنڌ جو نالو ئي نہ ٻڌو هوندو، هيٺ فوٽون ۾ سنڌ جا سوُر ٻڌندڙ جي چهري تي اِظهار ڏسندا (اِها ٻي ڳالهہ آ تہ گڏيل قومن جي سياست پنهنجي جاءِ تي ۽ انهيءَ کي ڦيرائڻ ۾ چڱو وقت لڳندو، پر پهرين دنيا جي عام خلق کي تہ سنڌ بابت ڄاڻَ ملي تہ سنڌ جا ڪي ساٿي ٻڻجن).



سو مانکي چوندا آهن، ”فر آغا صاحب آخرڪار تو يي پاڪستان ٽوٽنا هي، تو هم اپن ۾ ايڪ ساٿ ڪام ڪيوُن نهين ڪرين.“ سوچندو آهيان، ”ٻيڙي ترِيوَ، اجا ڪهڙو ڪَمُ ڪرڻ رهيل اَٿوِ؟ اڳيئي اوهان جي وڏن جي مارَ ڪُٽَ، لٽَ ڦُرَ ڪري سنڌين کي بي گهر، جِلا وطن ڪيو جن در بدر ٿيلن جو ڳاٽيتو هاٽي ويهہَ پنجويهہ لکَ هوندو.“

هڪَ ٻيرو منهجي وياڪياڻ کان پوءِ چيائون تہ اسان مظلومن جي بہ ڳالهہ ڪيو. پاڪستان اسان سان بہ ويڏن ڪيو آهي .. وغيره ۽ اهڙو سوالُ اٿاريائون تہ پاڻ ۾ ايڪو ڪيون نہ تہ گروهي ورهاڱو ڏيهہ ۾ ٿيندو، توهان پناهگيرن خلاف آهيو، وغيرا. چيو مانِ تہ ”ابا، اسان سنڌي ٿيا سي صوفي ماڻهون، سڀ جو ڀلو گهرون؛ توهان پهرين ڏهڪاءَ تہ پکيرڻ بند ڪيو، پوءِ

ڳالهائي سگهنداسين.“ مان سان ڏاڍو ڪاوڙيا. چون متن اِهي ڌهڪائوَپڻي جا اِلزام سڀ ڪوُڙا آهن، وغيرا.

اِنهيءَ حال تي سائين شيخ اياز جو شعر ياد آيُمِ جيڪو جيتري قدر ياد آيو هومِ، اُنَ بِلاگ ۾ قلم تازو هيٺ وِڌو هوم. پر ڪالهہِ سائين آياز جي شاعري جو ڪتاب **”وِڄوُن وسڻَ آيون“** ڪبٽَ ۾ ڏسڻ آيمِ، سو ڪدي گيت منجهسِ ڳولهيمِ. اِهو گيتُ انهيءِ ريت آهي

**ڪُتا يوءنڪن**

**ياڳيا يوءنڪن**

**چورَ بہ يوءنڪن تا!**

**ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!**

**هَر هَر هيِئين ڦاڙَ هوا ۾!**

**جارا چِرڪن**

**چارا چِرڪنِ**

**تارا چِرڪن تا!**

**ڪيرُ اَويرو آيو آهي؟**

**هِنَ وستيءَ ۾ چا تو چاهي؟**

(ياڳيا - جِن جو ڏاڙو لڳو هجي، جن ڪان چورايو ويو هجي؛ اوُناڙ - ڪتن جي يونڪڻ جو آوازَ جيڪو گِدڙن جي رڙ جهڙو هوندو آهي؛ جارا - *اِنهي لفظ جي معنا جي پڪ ڪانہ ٿمِ*،

جارَ جون ۾ معنائون.. زال، مائي ۽ جام، گھٽو... پرَ جارُ پاڙي واري کي ۽ چون، ۽ جارائتو ڳٽتيءَ وارو ٿي: چارا ـ ويچارا: اويرو ـ بيوقتو، بيگاه).



**ڏَسُ ـ سنڌَ جا نانگَ ۽ جوڳِي** [http://tinyurl.com/2o9jtb](http://tinyurl.com/2o9jtb)

مان کان سچلَ سَر مستَ جِي ڪافي جي ڪِن ٻين لفظن جي معنا پُڇي ويئي. لڳي ٿو ته ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي گھٽو ڪتجِي ويا آهن. ٺهيو، ”ڪُڇٽا نہ منجھٽا.“

پوٿي معنا ڌرمي (پوتر) ڪتاب (جيئين ويدَ قران وغيرا).

پوڙي، شعرَ جِي سِٽَ. ٻانيَڻُ ٿيو هندوُ پنڊِتُ. درازا اُنهيءَ ڳوٺ جو نالو آهي جتي سائين سچل رهندا هيا ۽ جتي هاڻِ سائين جَنِ جي مزار آهي. ٻانيان ٿو ته اِهو لفظ دَروازي مان نِڪتو آهي. دَرازين، درازن ۾: دُرُسُ معنا صحيح، دُرُسُت، پورو (دَرسُ وري سبق ٿئي، زبرَ پيش جو ڦيرُ سنڌيءَ ۾ گھٽائي پيرا معنا ڦيرائي ڇڏي).

منهنجي بِلاگ جي ويبَ جاءِ تي مٿي سدائين لڳل درازن جي درگاهَ جي در جو فوٽون آهي. هن بلاگ مٿيون فوٽوُن سائين سچلَ جي خيالي تصوير ۽ درگاهَ جو آهي جيڪو درگاه جي ويبَ صفحي تان کنيو اٿمِ. هِنَ ڪڙيءَ تي درگاهَ جو ويب صفحو ڏسي سگھو ٿا جنهن تي سرمستَ جي حياتي ۽ فلسفي بابت ٿورڙو مواد ملندُو، ٻيو سچل جو ڪلام فقيرن جو ڳاتل ٻڌي سگھندَئو

[http://www.sachalsarmast.org/index.htm](http://www.sachalsarmast.org/index.htm)

## علمُ، وِديا ۽ گِيانُ

ڪِن وِگياني متن کي علم (جيئن علمِ ڪيميا)، ڪِن کي وِديا ۽ ڪِنِ کي وري گيانُ ڪري لکيو اَٿم. جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، اِهو رواج موُجب ڪتب آندو اَٿم. هاڻ فيصلو ڪيو ٿمِ ته گيانُ ڪتب آڻبو. اِهو اِنهيءَ ڪري جو هڪ ته علمِ (زيرَ هٽي) ڪري گندڻ فارسي وياڪرڻَ ("گرامر") سان ته ٺهي ٿو، پرَ سنڌي وياڪرڻَ موُجب ناهي. وري ٻيو ته ڪيميائي عالِمُ ڪري لکڻو پوي ۽ اچوڪن ڏينهن ۾ عالِمُ لفظ سان ڌرمي معنا ٻه وڏيڪ جُڙيلَ آهي. ساڳيو مسئلو وِديا سان ٿي.

تنهن ڪري هاڻِ گيانُ لفظ هڪجهڙائي سان ڪتبُ آڻيندمُ. اِهو لفظ سنڌيءَ جو نِجُ لفظ آهي جيڪو ڄاڻ سان ملي. ٻيو انهيءَ متن جي ڄاڻيندرَ کي گياني چوڻُ ٻه سنڌي وياڪرڻ موُجب ٺهي ٿو، جيئن جيوَ گيان ۽ جيوَ گياني. سِنڌي ٻولي جا ماهرَ انهيءَ تي ٽيڪا لکندا ته واه واه.